ABC Certified THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 27 ڊسمبر 2025ع 06 رجب المرجب 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيه شمارو (134)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

يو اي اي جي صدر جون وزيراعظم ۽ فيلڊ مارشل سان ملاقاتون، واپار سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ تي اتفاق

يو اي اي جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪيو. پاڪستان اچڻ تي شيخ محمد بن زايد النهيان جو انتهائي شاندار ۽ والهاڻو استقبال ڪيو ويو

صدر شيخ محمد بن زايد النهيان جو پاڪستاني فضائي حدن ۾ داخل ٿيندي ئي جي ايف 17 ويڙهاڪ جهازن شاهي جهاز کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو، وزيراعظم سان تفصيلي ڳالهه ٻولهه

ٻنهي ڌرين معيشت، سيڙپڪاري، توانائي، انفراسٽرڪچر جي ترقي، آءِ ٽي، ٽيڪنالاجي ۽ عوامي رابطن سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو

پاڪستان کي گڏيل عرب امارات سان پنهنجي پراڻي، مضبوط ۽ پائيدار لاڳاپن تي فخر آهي جيڪي منهنجي عزيز ڀاءُ شيخ محمد بن زايد النهيان جي سرپرستي ۾ وڌيڪ مضبوط ٿي رهيا آهن: وزيراعظم

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات معيشت، سيڙپڪاري، توانائي انفراسٽرڪچر جي ترقي، آءِ ٽي، ٽيڪنالاجي ۽ عوامي رابطن سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏيندي ٻطرفي واپار ۾ اضافي تي اتفاق ڪيو آهي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ويجهو رابطو ۽ تعاون جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو آهي. ڪالهه جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب وزيراعظم محمد شهباز

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: وزير اعظم شهباز شريف، اسحاق ڊار، خواجه آصف، عطا الله تارڙ يو اي اي جي صدر محمد بن زيد النهيان جو استقبال ڪري رهيا آهن

گڏيل عرب امارات جي صدر جي پاڪستان جي پهرين سرڪاري دوري جي موقعي تي خصوصي استقبالي ٽڪيٽ جاري

اسلام آباد (اي پي پي) گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان جي پاڪستان جي پهرين سرڪاري دوري جي

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

فيلڊ مارشل کي قتل جون ڌمڪيون غداري آهي: طارق فضل

اهو دهشتگردانه سوچ ۽ رياست پاڪستان خلاف جنگ جو اعلان آهي

اسلام آباد (اي پي پي) پارلياماني معاملن واري وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري چيو آهي ته پي ٽي آءِ جي يو ڪي چيپٽر

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

پي ٽي آءِ سوشل ميڊيا اڪائونٽس تان فيلڊ مارشل کي قتل جون ڌمڪيون: وڊيوز وائرل، برطانيا کان ڪارروائي جو مطالبو

برطانيا شرپسندن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري، جين ميريٽ جي پاڪستان ۾ غير موجودگي سبب ڊيمارش برطانوي وقتي هاءِ ڪمشنر کي جاري ڪئي وئي

پي ٽي آءِ برطانيا جي آفيشل ايڪس اڪائونٽ تان 23 ڊسمبر 2025ع تي انتهائي ڇڙ ڊاڪٽرڊ وڊيو جاري ڪئي هئي، جنهن ۾ فيلڊ مارشل عاصم منير کي ڌمڪي ڏني وئي هئي

برطانيا انهن سمورن اڪائونٽس خلاف ڪارروائي ڪري جيڪي پاڪستان ۾ دهشتگردي، تشدد ۽ عدم استحڪام پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن: پاڪستاني حڪومت جو برطانيا کي خط

پاڪستان ۾ تشدد تي ورغلائڻ ۽ بدامني پکيڙڻ سبب پي ٽي آءِ خلاف فيصلاتي قانوني ۽ انتظامي ڪارروائي ڪئي وڃي، جنهن ۾ ان پارٽي تي پابندي شامل هجي: پاڪستاني اختيارين

هي معاملو برطانيا جي دهشتگردي خلاف قانون، بين الاقوامي قانون ۽ ذميوارانه رياستي طرز عمل لاءِ عزم جو امتحان پڻ آهي، برطانيا جي خاموشي کي جانبداري سمجهيو ويندو: طاهر اندرابي

اسلام آباد (مانيٽرنگ ڊيسڪ) پاڪستان چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل عاصم منير کي ڌمڪي واري معاملي تي قائم مقام برطانوي هاءِ ڪمشنر کي ڊيمارش جاري ڪري ڇڏيو. پرڏيهي آفيس جي ترجمان طاهر اندرابي ڊيمارش جاري ٿيڻ جي

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

انصاف تائين برابر ۽ وقت سر پهچ آئيني ذميواري آهي: چيف جسٽس آف پاڪستان

جديد، عوام دوست ۽ خاص ڪري عورتن لاءِ موزون عدالتي انفرا اسٽرڪچر جو قيام اڻٽر بڻجي چڪو آهي

ڏورانهن علائقن ۾ عدالتي ڍانچي جي ڪمزوري شهرين جي بنيادي حقن کي حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ آهي

آئيني گهرجن موجب خيبرپختونخوا جي هر شهري کي انصاف تائين هڪجهڙي پهچ فراهم ڪئي ويندي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس آف پاڪستان جسٽس يحيٰ آفريدي خيبرپختونخوا جي ڏورانهن ضلعن

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

پاڪ فضائيه جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان کي شاندار فضائي سلامي

اسلام آباد (اي پي پي) پاڪ فضائيه جي

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

لنڊن ۾ شهزاد اڪبر تي حملو، سندس نڪ ۽ جاڙي ڀڄي پئي

شهزاد اڪبر تي صبح جي وقت ڪيمبرج ۾ سندس گهر تي حملو ڪيو ويو

حملي آور سندس چهري تي ٺونشا هنيا جنهن سبب سندس نڪ ۽ جاڙي ڀڄي پئي

لنڊن (م د) اڳوڻي وزيراعظم عمران خان جي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪوهلو ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي، 5 ڀارتي حمايت يافته دهشتگرد مارجي ويا

ڀارتي حمايت يافته دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي ڪارروائي ڪئي وئي

علائقي ۾ ڀارتي حمايت يافته دهشتگرد کي ختم ڪرڻ لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري

راولپنڊي (اي پي پي) سيڪيورٽي فورسز بلوچستان جي ضلعي ڪوهلو ۾ ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪندي 5

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

صوبائي گهرو وزير لاڙڪاڻي پهچي ويو، شهيد راڻي ورسي انتظامن بابت اجلاس

ايس ايس پي آفيس ۾ شهيد بينظير ڀٽو جي ورسي انتظامن ۽ سيڪيورٽي بابت اجلاس ٿيو

قانون لاڳو ڪندڙ ادارا الرٽ رهندا ۽ امن امان ۾ خلل وجهڻ جي اجازت نه ڏني ويندي: ضياءُ الحسن لنجار

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) سنڌ جي گهرو وزير ضياءُ الحسن لنجار ايس ايس پي آفيس لاڙڪاڻي جو دورو ڪيو جتي هن محترمه

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ وڪيل جي گهرڀاتين جي گرفتاري خلاف وڪيلن جو مظاهرو، ڌرڻو

بار ايسوسيئيشن جي صدر عامر نواز وڙائچ جي اڳواڻي ۾ ايم اي جناح روڊ بلاڪ ڪيو ويو

نمبر شهداد ڪوٽ پوليس بنا ڪيس جي منهنجي گهرڀاتين کي گرفتار ڪيو: وڪيل نصير ڪلهوڙو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) وڪيل نصير ڪلهوڙو جي گهر وارن کي گرفتار ڪرڻ خلاف ايم اي جناح روڊ تي ڪراچي بار جي

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ پاڪستان آمريڪن ڪلچرل ٿيٽر فيسٽيول، سنڌي مزاحيه ناٽڪ پيش

اسٽيج ناٽڪ حاضرين کي تفريح فراهم ڪرڻ سميت سماجي اصلاح جو مؤثر پيغام پڻ ڏنو

ثقافتي پروگرام سماج ۾ مثبت سوچ، هم آهنگي ۽ فنون لطيفه جي فروغ جو ذريعو آهن: مخدوم رياض

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پاڪستان آمريڪن

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

پ پ قيادت طرفان پنڪ اسڪوٽي اسڪيم عورتن کي بااختيار بڻائڻ جو عملي قدم آهي: شرجيل ميمڻ

سنڌ حڪومت جديد ٽرانسپورٽ نظام ذريعي عوام جي معيار زندگي بهتر بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي

ڪراچي ۾ ڊبل ڊيڪر بسن جي شروعات جلد ٿيڻ واري آهي شهرين کي جديد سفري سهولت ملندي

اي وي بسن جا نوان روٽ به جلد شروع ڪيا پيا وڃن، روڊن تي ٽريفڪ جي دٻاءُ ۾ گهٽتائي ايندي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي صدارت هيٺ ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جديد ٽرانسپورٽ نظام بابت عملدارن سان گڏجاڻي ڪري رهيو آهي

لاڙڪاڻي ۾ 600 بسترن واري اسپتال اپر سنڌ لاءِ صحت شعبي جو اهم منصوبو آهي: وڏو وزير

منصوبي جو بنياد ايندڙ سال جي مارچ مهيني ۾ رکيو ويندو، اسپتال ٻن سالن اندر مڪمل ڪئي ويندي

ڇهن ماڙن تي مشتمل اسپتال ۾ 288 نرسنگ ڪيئر، 92 ايمرجنسي ۽ 48 آءِ سي يو بسترا شامل هوندا

جديد ايمرجنسي سهولتون، او پي ڊي، ريڊيالاجي، ڊائلاسس، ليبارٽريون، بلڊ بينڪ ۽ اٺ آپريشن ٿيئٽر پڻ شامل

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه هڪ اجلاس جي صدارت ڪندي لاڙڪاڻي ۾ 600 بسترن تي مشتمل اسپتال منصوبي جي اڳيرائي ڊزائين ڊائري ڪار ۽ مالي فريم

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

شهيد محترمه آئين، پارليامينٽ ۽ عوام جي ووٽ جي حق لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي: صدر

محترمه بينظير ڀٽو اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم هئي، جنهن کي پاڪستان جي عوام ٻه ڀيرا چونڊيو

چونڊن ۾ سندس بار بار ڪاميابي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هو پرامن سياست ۽ جمهوريت تي پورو يقين رکندي هئي

شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 18هين ورسيءَ تي اسان کي نفرت بدران اتحاد جو رستو اختيار ڪرڻ پوندو: جاري ڪيل خصوصي پيغام

اسلام آباد (اي پي پي) صدر آصف علي زرداري چيو آهي ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم هئي جنهن کي پاڪستان جي عوام ٻه ڀيرا چونڊيو هڪ اهڙي سياسي

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

نو مئي جي ڪيسن ۾ ميان محمود کي 33، ياسمين راشد، عمر چيمه ۽ اعجاز چوڌريءَ کي 10-10 سال ٽيپ

لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جو 9 مئي تي ڀڃ ڊاهه ۽ گاڏيون ساڙڻ وارن ٻن ڪيس جو لکت ۾ فيصلو جاري

محمود الرشيد کي الڳ الڳ سزائون، پراسيڪيوشن موجب ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت ڇهن اڳواڻن عوام کي وڙهڻ لاءِ ورغلايو: فيصلو

لاهور (مانيٽرنگ ڊيسڪ) لاهور جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت 9 مئي گلبرگ علائقي ۾ ڀڃ ڊاهه ۽ گاڏيون ساڙڻ ڪرڻ وارن ٻن ڪيس جو تفصيلي لکت ۾ فيصلو جاري ڪري ڇڏيو. عدالت 9 مئي وارن ٻنهي ڪيسن ۾ ڏوهه ثابت نه ٿيڻ سبب 23 جوابدارن کي بري ڪرڻ جو حڪم ڏنو جڏهن ته پي ٽي آءِ جي ڪجهه اڳواڻن سوڌو

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

شهيد راڻي بينظير ڀٽو جي اڄ 18 هين ورسي، ڳڙهي خدابخش ۾ عوامي جلسو ٿيندو، انتظام مڪمل

پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، صدر آصف زرداري، فريال ٽالپر، آصفه ڀٽو، بختاور ڀٽو زرداريءَ ٻيا اڳواڻ خطاب ڪندا

جلسي گاهه جي سيڪيورٽي انتهائي سخت، 7 هزار کان پوليس آفيسر، اهلڪار ۽ رينجرس جا جوان مقرر ڪيا ويا

سڄي ملڪ سميت ٻاهرين ملڪن جا اڳواڻ، ورڪر، جيالن ۽ عام ماڻهن جي اچڻ جو سلسلو جاري

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ اڄ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي پهرين عورت وزيراعظم شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي 18 هين ورسي ملهائي عوامي جلسو ڪوٺايو ويندو ان ڏس ۾ پاڪستان

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي خدا بخش: خاتون اول آصفه ڀٽو شهيدن جي مزارن تي قرآن خواني ڪندي

خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو زرداري ڳڙهي خدا بخش ۾ شهيد راڻي جي مزار تي حاضري ڀري

حاضري دوران هن جمهوريت شهيدن جي مزارن تي گل پڻ گل چاڙهيا ۽ فاتح خواني ڪئي

بي بي آصفه ڀٽو زرداري عوامي خوشحالي ۽ ملڪي سلامتي جي لاءِ دعائون پڻ گهريون

لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) خاتون اول ۽ قومي

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

ڳڙهي خدابخش: خاتون اول بي بي آصفه ڀٽو شهيد محترمه بينظير ڀٽو ۽ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزارن تي حاضري ڀري رهي آهي

گڏيل عرب امارات جو صدر شيخ محمد بن زايد النهيان پاڪستان جي هڪ ڏينهن جي دوري ڪانپوءِ واپس روانو

اسلام آباد (اي پي پي) گڏيل عرب امارات جو صدر شيخ محمد بن زايد النهيان پاڪستان جي هڪ ڏينهن جي دوري ڪانپوءِ روانو ٿي ويو. ڪالهه جمعي ڏينهن

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

IN MEMORY OF SHAHEED MOHTARMA BENAZIR BHUTTO
شہید محترمہ بینظیر بھٹو کی یاد میں
SINDH BANK
سنڌ بينڪ
POWER TO THE PEOPLE
بااختیار عوام
شهيد محترمه بينظير ڀٽو
جي 18 هين ورسيءَ تي
خراجِ عقيدت پيش ڪري ٿي
بينڪنگ جون بيمثال سهولتون
پاڪستان ۾ 330 آن لائن برانچن
021-111-117-632 www.sindhbank.com.pk sindhbanklimitedofficial sindhbankltd company/sindh-bank-limited



شهيد محترم بينظير ڀٽو کي سلام
وہ بیٹی۔۔ جو ایک سوچ بنی،
وہ بیٹی۔۔ جو ہر ظلم کے سامنے دیوار بنی۔
وہ بیٹی۔۔ جو ملک میں خوشحالی لائی،
وہ بیٹی۔۔ جس نے جمہوریت کی مشعل تھامی۔
وہ بیٹی۔۔ جس نے ہر غریب کے لیے آواز اٹھائی،
وہ بیٹی۔۔ جو بھٹو کہلائی،
اڄ اها ڏيءَ.. صرف هڪ ياد ناهي، بلڪ هڪ تحريڪ آهي، هڪ رشتو آهي..
جيڪو ماضي کان حال ۽ حال کان مستقبل تائين سفر ڪري رهي آهي.
پاڪستان پيپلز پارٽي

طرفان فيلڊ مارشل سيد عاصم منير کي قتل جي ڌمڪين تي ٻڌل وائرل وڊيو کليل غداري، دهشتگردانه سوچ ۽ رياست پاڪستان خلاف جنگ جو اعلان آهي گذريل ڏينهن ايڪس تي جاري بيان ۾ هن چيو ته هي سياست نه پر ملڪ دشمن ايجنڊا ۽ پرڏيهي پليرائي ۾ هلندڙ زهريلي پروپيگنڊا آهي هن چيو ته قومي سلامتي جي محافظن کي نشانو بڻائڻ معاف نه ڪرڻ جهڙو ڏوهه آهي اهڙين ڌرين کي بي نقاب ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو ويندو ۽ جوڳي سزا ڏني ويندي

تصديق ڪندي ٻڌايو ته اميد آهي ته برطانيا شرپسندن خلاف ڪارروائي ڪندو جيئن ميريٽ جي پاڪستان ۾ غير موجودگي سبب ڊيمارش برطانوي وقتي هاءِ ڪمشنر کي جاري ڪئي وئي جنهن ۾ مطالبو ڪيو ويو ته برطانيا شرپسندن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪري واضح رهي ته پي ٽي آءِ برطانيا جي آفيشل ايڪس اڪائونٽ تان 23 ڊسمبر 2025ع تي هڪ انتهائي ڀڙڪائيندڙ وڊيو جاري ڪئي هئي جنهن ۾ احتجاج ڪندڙ فيلڊ مارشل عاصم منير کي موتمار ڌمڪي ڏني. وڊيو ۾ هڪ عورت ڀڙڪائيندڙ ڳالهيون ڪندي چيو ته ڪو به آرمي چيف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز کي ڪار بم ڌماڪي ۾ قتل ڪري ڪري ڇڏيندو پاڪستان برطانوي حڪومت کي خط لکي مطالبو ڪيو آهي ته پي ٽي آءِ سان لاڳاپيل سوشل ميڊيا اڪائونٽن تي اهڙيون وڊيوز گردش ڪري رهيون آهن جن ۾ آرمي چيف کي قتل ڪرڻ جون ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن برطانيا اهڙن سمورن اڪائونٽن خلاف ڪارروائي ڪري جيڪي پاڪستان ۾ دهشتگردي، تشدد ۽ عدم استحڪام پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن پاڪستاني حڪومت ناڪاري سرگرمين ۾ ملوث ماڻهن خلاف ڪارروائي لاءِ برطانوي هوم آفيس کي خط لکيو آهي جنهن ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ سان لاڳاپيل سوشل ميڊيا اڪائونٽن تان اهڙيون وڊيوز گردش ڪري رهيون آهن جنهن ۾ آرمي چيف کي قتل ڪرڻ جو مطالبو ڪيو پيو وڃي خط ۾ واضح ڪيو ويو آهي ته اهو مواد نه بيان بازي ۽ نه ئي سياسي هي واضح طور تي گڏيل قومن جي ميمبر ملڪ جي اعليٰ فوجي شخصيت جي قتل لاءِ اڪسايو پيو وڃي خط ۾ چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ سان لاڳاپيل پليٽ فارمن تان مسلسل ڊيپ فيڪ ۽ تشدد جون ڪالز ڏنيون پيون وڃن خط ۾ مطالبو ڪيو ويو آهي ته برطانيا قتل ۽ تشدد جون ڪالون ڏيندڙ ماڻهن جي نشاندهي ۽ جاچ ڪري سندن خلاف قانوني ڪارروائي ڪري. حڪومت طرفان لکيل خط ۾ اهو به چيو ويو آهي ته پي ٽي آءِ ۽ ان سان لاڳاپيل پليٽ فارمز جي پاڪستان ۾ تشدد، نفرت ۽ وڏي پيماني تي بدامني ڦهلائڻ بابت جاچ ڪئي وڃي پاڪستان ۾ تشدد تي ورغلائڻ ۽ بدامني پکيڙڻ سبب پي ٽي آءِ خلاف فيصلائتي قانوني ۽ انتظامي ڪارروائي ڪئي وڃي، جنهن ۾ ان تي پابندي به شامل هجي خط ۾ چيو ويو آهي ته برطانيا اهو يقيني بڻائي ته ان سرزمين پاڪستان خلاف تشدد، بدامني ۽ دهشتگردي کي هٿي ڏيڻ لاءِ استعمال نه ٿئي هي معاملو برطانيا جي دهشتگردي خلاف قانونن، بين الاقوامي قانون ۽ ذميوارانه رياستي طرز عمل لاءِ عزم جو امتحان پڻ آهي حڪومت خط ۾ خبردار ڪيو آهي ته برطانيا جي خاموشي کي غير جانبداري نه سمجهيو ويندو ۽ ان سان گڏيل اعتماد ۽ سهڪارتي سنگين اثر پوندا خط ۾ وڌيڪ چيو ويو آهي ته پاڪستان برطانيا سان لاڳاپن کي وڏي اهميت ڏئي ٿو ۽ اميد رکي ٿو ته هن معاملي کي تڪڙ قانوني طريقي سان حل ڪيو ويندو

۾ بنيادي عدالتي سهولتن کي کوٽ تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي چيو آهي ته انصاف تائين برابر ۽ وقت سر پهچ آئيني ذميواري آهي جنهن لاءِ جديد، عوام دوست ۽ خاص ڪري عورتن لاءِ موزون عدالتي انفرا اسٽرڪچر جو قيام اڻٽر بڻجي چڪو آهي سپريم ڪورٽ پاران جاري بيان موجب اهڙو اظهار هن ڪالهه پشاور ۾ لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان تحت رٿيل اعليٰ سطحي جائزي واري اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس، خيبرپختونخوا جي چيف سيڪريٽري، ناڻي واري سيڪريٽري، رٿابندي ۽ ترقي واري سيڪريٽري، قانون واري سيڪريٽري ۽ لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان جي سيڪريٽري شرڪت ڪئي چيف جسٽس جسٽس يحيٰ آفريدي اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته ڏورانهن علائقن ۾ عدالتي ڍانچي جي ڪمزوري شهرين جي بنيادي حقن کي حاصل ڪرڻ ۾ رڪاوٽ آهي ان لاءِ علائقائي عدم توازن جي خاتمي لاءِ هدفي ۽ پائيدار قدم ضروري آهن هن چيو ته آئنده بڻجندڙ عدالتي ڪامپليڪسز ۾ جديد عوامي سهولت جا مرڪز صنفي حساس ماحول ۽ عورت دوست سهولتن کي ترجيح ڏني ويندي اجلاس کي لا اينڊ جسٽس ڪميشن آف پاڪستان جي انتظام هيٺ ايڪسس ٽو جسٽس ڊولپمينٽ فنڊ تحت جاري منصوبن تي بريفنگ ڏني وئي ٻڌايو ويو ته عدالتي ڪامپليڪسز ۾ قائم ٻار رومز کي به انهن سهولتن جو حصو بڻايو ويو آهي جن ۾ سولرائيزيشن، اي لائبريرين، صاف پاڻي جي فراهمي ۽ عورتن لاءِ مخصوص سهولتون شامل آهن جن جي نشاندهي اسٽيڪ هولڊرز سان مشاورت ڪانپوءِ ڪئي وئي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته خيبرپختونخوا ۾ انهن منصوبن جي مجموعي لاڳت 68 ڪروڙ 80 لک رپيا آهي جن مان 39 ڪروڙ رپيا لا اينڊ جسٽس ڪميشن ۽ گرانٽ ان ايڊ تحت فراهم ڪيا ويا آهن جڏهن ته باقي رقم صوبائي حڪومت ادا ڪندي پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عورتن بابت سهولتن پنهنجي وسيلن مان مڪمل ڪرڻ جي خاطري ڪرائي جڏهن ته چيف سيڪريٽري ٻين سهولتن لاءِ فنڊ فراهم ڪرڻ جو اعلان ڪيو اجلاس ۾ سکهه دا ويهڙا جي نالي سان خاندان ۽ عورتن لاءِ ون ونڊو سهولت مرڪز جي قيام تي به غور ڪيو ويو جنهن کي عدالتي ڪامپليڪسز جي اندر يا ويجهو قائم ڪيو ويندو پشاور هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس پشاور ۽ سوات ۾ قائم فيملي ڪورٽ بلاڪس جو حوالو ڏيندي ڊويزنل هيڊڪوارٽرز ۾ ڊاسر سوري جي نالي سان ان قسم جا سهولت مرڪز قائم ڪرڻ جي تجويز ڏني جنهن کي سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس ٻن ڊويزنن ۾ پائليٽ طور شروع ڪرڻ جي منظوري ڏني اجلاس دوران حساس علائقن ۾ ڊسٽرڪٽ ايڊمنسٽريشن آفيسرن لاءِ وڊيو لنڪ سهولتن جي فراهمي تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي جڏهن ته جتي فوري ضرورت هجي اتي اهي سهولتون فوري فراهم ڪيون وڃن اجلاس جي پڄاڻي تي عدليه ۽ صوبائي حڪومت ان عزم کي ورجايو ته عدالتي انفرا اسٽرڪچر کي جديد رخن سان هم هموار ڪيو ويندو ۽ عوامي سهولتن ۾ واڌ ڪئي ويندي ۽ آئيني گهرجن موجب خيبرپختونخوا جي هر شهري کي انصاف تائين هڪجهڙي پهچ فراهم ڪئي ويندي

جديد ويڙهاڪ جهازن گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان کي پاڪستاني فضائي حدن ۾ داخل ٿيڻ تي شاندار فضائي سلامي پيش ڪئي جيڪو پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي وچ ۾ گهري پائيدار لاڳاپن، گڏيل احترام ۽ پراڻي دوستي جو مظهر آهي پاڪ فضائيه جي جي ايف — 17 ٿنڊر بلاڪ III جهازن تي ٻڌل ڇهه رڪني دستي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان کي رسمي ايئر ايسڪارٽ فراهم ڪيو مهمان نوازي ۽ ڀائيچاري جي شاندار اظهار جي طور تي اهي جهاز پاڪستاني فضائي حدن ۾ داخل ٿيندي ئي معزز مهمان جي استقبال جي لاءِ فضا ۾ موجود هئا ان موقعي تي فارميشن ليڊر وزيراعظم پاڪستان ۽ پاڪستاني عوام پاران گڏيل عرب امارات جي صدر کي شاندار سلام ۽ آجيان پيش ڪئي پاڪ فضائيه پاران اها فضائي سلامي ٻطرفي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جي لاءِ پاڪستان جي هٿياربند فوج جي پختي عزم جي عڪاس آهي پاڪ فضائيه جي ان شاندار استقبال کي دفاعي ماهرن پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي وچ ۾ مضبوط پائيداري رابطن ۽ گڏيل اعتماد جي علامت قرار ڏنو آهي واضح رهي ته جي ايف — 17 ٿنڊر بلاڪ III جديد ترين 4.5 جنريشن جو ملٽي رول ويڙهاڪ جهاز آهي، جيڪو پاڪ فضائيه جي جديد آپريشنل صلاحيتن ۽

روايت آهي جيڪا خيرسگالي جي جذبي، دوستي ۽ احترام جي تسلسل جي نمائندگي ڪري ٿي

خاص مددگار مرزا شهزاد اڪبر تي لنڊن ۾ حملو ڪيو ويو جتي هو اپريل 2022 کان پاڻمرادو جلاوطني ۾ ترسيل آهي شهزاد اڪبر ان جي تصديق به ڪئي، سندس موجب، خميس تي مڪن سان حملو ٿيو ۽ هو اسپتال وڃي پوليس به سائنس رابطو ڪيو کيس ڌڪ لڳا آهن ۽ فريڪچر به ٿيو آهي ٻئي پاسي تحريڪ انصاف جي ايڪس اڪائونٽ تان گذريل ڏينهن پوسٽ موجب شهزاد اڪبر تي صبح جي وقت ڪيمبرج ۾ سندس گهر تي حملو ڪيو ويو پوسٽ ۾ چيو ويو ته حملي آور سندس چهري تي ڌونشا هنيا جنهن سبب سندس نڪ ۽ جاڙي ڀڄي پئي پارٽي موجب، مقامي پوليس تفصيل ورتا ۽ جاچ ڪري رهي آهي

ڪاتي جو هڪ اهم اجلاس ڪراچي ۾ ٿيو جنهن ۾ صوبي ۾ جاري ۽ آئيندي شروع ٿيڻ وارن ٽرانسپورٽ جي منصوبن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن سي اي او ٽرانس ڪراچي فواد غفار سومرو سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪنول نظام ڀٽو يلو لائن بي آر ٽي جي پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ضمير عباسي ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي اجلاس کي ييلو لائن بي آر ٽي رٿائن تي جاري ترقياتي ڪمن بابت تفصيلي بريفنگ ڏني وئي بريفنگ ۾ تعميراتي مرحلن، درپيش چيلنجن ٽائيم لائن ۽ آئيندي جي هدفن تي روشني وڌي وئي اجلاس ۾ ڪراچي شهر ۾ متعارف ٿيندڙ نون ڊبل ڊيڪر بسن جي حوالي سان مڪمل آگاهي ڏني وئي ان موقعي تي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ هدايت ڏيندي چيو ته جتي جتي ممڪن ٿي سگهي اتي متوازي ڪم شروع ڪيو وڃي ته جيئن منصوبا غير ضروري دير جو شڪار نه ٿين هن چيو ته حڪومت جي ڪوشش آهي ته سمورا منصوبا مقرر مدي اندر مڪمل ٿين ته جيئن عام جلد کان جلد انهن مان لاڀ ماڻي سگهي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڊبل ڊيڪر بسن جي شروعات جلد ٿيڻ واري آهي جنهن سان شهرين کي جديد سفري سهولت ملندي، روڊن تي ٽريفڪ جي دٻاءُ ۾ گهٽتائي ايندي ۽ پبلڪ ٽرانسپورٽ جو نظام وڌيڪ منظم بڻجندو سندس چوڻ هو ته ڪراچي جهڙي وڏي شهر ۾ عوامي ٽرانسپورٽ کي مضبوط بڻائڻ وقت جي اهم ضرورت ۽ سنڌ حڪومت جي بهترين اوليت آهي هن پنڪ اسڪوٽيز منصوبي جي ٻئي مرحلي جي حوالي سان ڳالهائيندي چيو ته هن مرحلي ۾ عورتن کي جلد اسڪوٽيز ڏنيون وينديون سندس چوڻ هو ته هي قدم پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت طرفان عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۽ کين خودمختيار بڻائڻ جو عملي قدم آهي سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ وڌيڪ چيو ته اي وي بسن جا نوان روٽ به جلد شروع ڪيا پيا وڃن جنهن سان نه رڳو عوام کي سستي ۽ ماحول دوست سفري سهولت ملندي پر ماحولياتي گدلاڻ ۾ گهٽتائي ۾ مدد ملندي هن چيو ته سنڌ حڪومت جديد ٽرانسپورٽ نظام ذريعي عوام جي معيار زندگي کي بهتر بڻائڻ لاءِ پرعزم آهي

روڪ جي منظوري ڏني ۽ چيو ته هن منصوبي کي اپر سنڌ لاءِ صحت جي شعبي جو هڪ وڏو ۽ اهم منصوبو قرار ڏنو اسپتال ٻن سالن اندر مڪمل ڪيو ويندو منصوبي جي بنياد وجهڻ جي تقريب مارچ 2026 ۾ رٿيل آهي جڏهن ته پهريون ٽاور هڪ سال اندر ۽ ٻيو ٽاور ان کان پوءِ ايندڙ سال مڪمل ڪيو ويندو وڏي وزير پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ (پي اينڊ ڊي) ۽ صحت کاتن کي ان حوالي سان هدايتون جاري ڪيون اجلاس ۾ صوبائي وزير صحت ڊاڪٽر عذرا فضل پيچوهو، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، چيئرمين پي اينڊ ڊي نجم شاهه، سيڪريٽري ناڻو فياض جتوئي، سيڪريٽري ٽو سي ايم رحيم شيخ، سيڪريٽري صحت ريحان بلوچ، ڊاڪٽر سعيد قريشي ۽ پروجيڪٽ ڊائريڪٽر اسپتال ڪاشف ڪوڪراڻ شرڪت ڪئي جڏهن ته ڪمشنر لاڙڪاڻو وڊيو لنڪ ذريعي اجلاس ۾ شامل ٿيو وڏي وزير چيو ته هي اسپتال منصوبو چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي هدايتن تي شروع ڪيو ويو آهي ۽ چيئرمين جي ويزن موجب هي سهولت اپر سنڌ جي ماڻهن کي معياري صحت جون سهولتون فراهم ڪندي اجلاس کي بريفنگ ڏيندي عملدارن ٻڌايو ته لاڙڪاڻي جو اسپتال ڇهن ماڙن تي مشتمل هوندو جنهن ۾ هڪ بيسمينٽ پڻ شامل هوندي ۽ ان کي ٻن مرحلن ۾ تعمير ڪيو ويندو اسپتال جي مجموعي گنجائش 596 بسترا هوندي ۽ عملي طور اهو 600 بسترن تي مشتمل هڪ ٽرشري ڪيئر اسپتال هوندو اسپتال جي جوڙجڪ ۽ گنجائش: وڏي وزير پاران منظور ڪيل منصوبي موجب اسپتال ٻن مرحلن ۾ مڪمل ٿيندو پهريون مرحلو بيسمينٽ سميت ڇهن ماڙن تي مشتمل هڪ ٽاور هوندو جنهن ۾ 288 نرسنگ ڪيئر بسترا 92 ايمرجنسي بسترا ۽ 48 آءِ سي يو بسترا شامل هوندا ٻئي مرحلي ۾ وڌيڪ 144 نرسنگ ڪيئر بسترا ۽ 24 آءِ سي يو بسترا شامل ڪيا ويندا جنهن کان پوءِ مجموعي گنجائش 432 نرسنگ ڪيئر بسترا 92 ايمرجنسي (اي آر) بسترا ۽ 72 آءِ سي يو بسترا ٿي ويندي وڏي وزير چيو ته اسپتال ۾ جديد ايمرجنسي سهولتون او پي ڊي، ريڊيالاجي ڊائلاسس، ليبارٽريون بلڊ بينڪ اينڊوسڪوپي، ڊي سرجري يونٽ، اٺ آپريشن ٿيٽرس پري ۽ پوسٽ آپريٽو وارڊ، رڪوري ايريا ۽ خاص ميڊيڪل ۽ سرجري آءِ سي يو شامل هوندا ان کان علاوه بحالي (ريهيبليٽيشن) جون سهولتون انتظامي آفيسون ۽ مريضن جي ساٿين لاءِ انتظارگاهون به منصوبي جو حصو هونديون بيسمينٽ ۾ اهم معاون سهولتون قائم ڪيون وينديون، جن ۾ ڪچن ۽ اسٽاف ڊائننگ ايريا، سي ايس ايس ڊي، لانڊري، مرده خانو ميڊيڪل گيس پلانٽ، ويسٽ مينيجمينٽ سسٽم اسٽوريج ايريا ۽ ان لوڊنگ ڊاڪس شامل هوندا. فلور وار منصوبا بندي: گرائونڊ فلور تي ايمرجنسي ٽرائياج، ريڊيالاجي، ميڊيڪل ۽ سرجري او پي ڊي، فارميسي، ڊائلاسس يونٽ، مرد ۽ عورتن لاءِ اي آر آبزرويشن وارڊ، ريهيبليٽيشن ۽ انتظامي آفيسون قائم ڪيون وينديون پهرين ماڙ تي اينڊوسڪوپي ڊي سرجري، سپر اسپيشلٽي او پي ڊي، پيٿالاجي ليبارٽري، بلڊ بينڪ، آپريشن ٿيٽرس پري آپريٽو وارڊ، رڪوري ايريا ۽ ميڊيڪل ۽ سرجري آءِ سي يو هوندا ٻي ماڙ ۽ ٽئين کان ڇهين ماڙ تائين مکيه طور مريضن جا وارڊ، آءِ سي يو جي توسيع، مهمانن جون لابيون ۽ آپريشنل سپورٽ ايريا هونديون جڏهن ته آخري ماڙ تي مشين روم ۽ لفٽ سروسز هونديون ايراضي ۽ انفرااسٽرڪچر: اجلاس کي ٻڌايو ويو ته اسپتال جي عمارت جو ڪل ايراضي اٽڪل 604494 چورس فٽ هوندو ان کان علاوه 48000 چورس فٽ تي مشتمل هڪ اڪيڊمڪ بلاڪ ۽ 120000 چورس فٽ تي پکڙيل پارڪنگ پلازا پڻ منصوبي ۾ شامل آهن مالي جائزو: وڏي وزير کي آگاهه ڪيو ويو ته سول ورڪس جي ڪل ڪاٽي لاڳت لڳ ڀڳ 3.108 ارب رپيا آهي جنهن ۾ مکيه اسپتال عمارت، اضافي سول ڪم نان شيڊيولڊ ورڪس ۽ ٻاهريون ترقياتي ڪم شامل آهن وڏي وزير مراد علي شاهه زور ڏنو ته لاڙڪاڻي جو 600 بسترن وارو اسپتال هڪ فليگ شپ صحت منصوبو آهي جنهن جو مقصد اپر سنڌ جي ماڻهن کي جديد ۽ سستي طبي سهولتون مهيا ڪرڻ آهي هن لاڳاپيل کاتن کي شفافيت، سخت معيار ڪنٽرول ۽ وقت سر منصوبي جي مڪمل ٿيڻ کي يقيني بڻائڻ جون هدايتون ڏنيون هن وڌيڪ چيو ته اسپتال کي عالمي صحت معيارن مطابق ترقي ڏني وڃي خاص طور تي ايمرجنسي ڪيئر، آءِ سي يو ۽ خاص طبي سهولتن تي ڌيان ڏنو وڃي جيئن لاڙڪاڻي ۽ ڀرپاسي وارن ضلعن جا مريض جديد علاج لاءِ ڪراچي وڃڻ تي مجبور نه ٿين اجلاس جو اختتام ان هدايت سان ڪيو ويو ته سڀ ضابطي وار گهرجون جلد مڪمل ڪري مارچ 2026 ۾ منصوبي تي عملي ڪم شروع ڪيو وڃي

ڪلچرل ٿيٽر فيسٽيول 2025 جي سلسلي ۾ سنڌي مزاحيه ۽ اصلاحاتي اسٽيج ناٽڪ "واهه سائين واهه" شاندار ڪاميابي سان پيش ڪيو ويو هن ڊرامي کي شائقين پاران ڀرپور ساراهه حاصل ٿي ۽ حاضرين فنڪارن جي جاندار اداڪاري تي دل کولي داد ڏنو ڊرامي جي تحرير مشهور ڊراما نگار رشيد صابر ڪئي، جڏهن ته هدايتڪاري جا فرائض

گهڻي ساراهه ڏني ڊرامي ۾ نسرين ناز اي جي خان جاويد ڪاڪائي اسماء علي لائبہ بلوچ، وقار لطيف منو منير سنگرل مصطفيٰ سالار رضيه شيخ هني خان ۽ گل محمد لاشاري پنهنجي شاندار پرفارمنس سان شائقين جا دل وجهي ورتا. هن موقعي تي آمريڪن ڪلچرل سينٽر جي صدر مخدوم رياض پنهنجي بيان ۾ چيو ته پاڪستان آمريڪن ڪلچرل ٿيٽر فيسٽيول جهڙا ثقافتي پروگرام سماج ۾ مثبت سوچ، هم آهنگي ۽ فنون لطيفه جي فروغ جو ذريعو آهن هن چيو ته اسٽيج ڊرامو "واهه سائين واهه" معياري تفريح سان گڏ اصلاحاتي پيغام پهچائڻ ۾ پڻ ڪامياب رهيو هن ڊرامي جي مصنف رشيد صابر هدايتڪار رضوان صابر ۽ آرگنائيزر وحيد گل ميمڻ سميت سڀني فنڪارن کي شاندار ڪاميابي تي مبارڪباد ڏني ۽ مستقبل ۾ اهڙن پروگرامن جي انعقاد جو عزم ظاهر ڪيو. آخر ۾ ڊائريڪٽر رضوان صابر صدر پاڪستان آمريڪن ڪلچرل سينٽر سيد مخدوم رياض ۽ پروگرام جي ڪوآرڊينيٽرز آدم راٺور ۽ اليا س نديم پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ شائقين جو شڪريو ادا ڪيو ۽ سنڌي ثقافت جي نمائندگي ڪندي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا. هن چيو ته پاڪستان آمريڪن ڪلچرل ٿيٽر فيسٽيول ايندڙ وقت ۾ به معياري، بامقصد ۽ ثقافتي سرگرمين جي فروغ لاءِ پنهنجو ڪردار جاري رکندو

صدر عامر نواز وڙائچ جي اڳواڻي ۾ وڪيلن جو احتجاجي ڌرڻو سوين وڪيلن جي شرڪت وڪيلن جي ڌرڻي سبب ايم اي جناح روڊ بلاڪ ٽريفڪ معطل وڪيل نصير ڪلهوڙو جي فيملي کي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ آءِ جي پوليس آفيس اڳيان ڌرڻو هنيو ويندو صدر ڪراچي بار عامر نواز وڙائچ جو اعلان، وڪيل اڳواڻن جو چوڻ آهي ته قمبر شهداد ڪوٽ پوليس پهرين نصير محمد ڪلهوڙو جا ڀهرين ۾ سال اڳ به ماڻهو شهيد ڪيا ويا هئا ۽ ان جي ڀاءُ کي زخمي ڪيو ويو هو ڪالهه به ٻيهر حملو ڪيو ويو ۽ نصير ڪلهوڙو جي فيملي کي گرفتار ڪيو ويو وڪيل اڳواڻن مطالبو ڪيو ته جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي فيملي کي آزاد ڪيو وڃي وڪيل جي احتجاج ڪرڻ کان پوءِ قمبر شهداد ڪوٽ نصير ڪلهوڙو جي فيملي کي آزاد ڪري ڇڏيو هن موقعي تي وڪيل نصير ڪلهوڙو چيو ته قمبر شهداد ڪوٽ پوليس بغير ڪنهن ڪيس جي منهنجي فيملي کي گرفتار ڪيو

بينظير ڀٽو جي 18هين شهادت جي ڏهاڙي جي موقعي تي سيڪيورٽي انتظامن بابت هڪ اهم اجلاس جي صدارت ڪئي اجلاس ۾ ڊي آءِ جي لاڙڪاڻو ايس ايس پي لاڙڪاڻو سميت ضلعي سطح جي ٻين سينيئر پوليس آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران ايس ايس پي لاڙڪاڻي گهرو وزير کي ڳڙهي خدا بخش، نوديرو جلسي گاهه مزار ۽ ان سان لاڳاپيل علائقن ۾ ڪيل سيڪيورٽي قدمن ۽ گڏيل حڪمت عملي تي تفصيلي بريفنگ ڏني. بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته شهادت جي ڏهاڙي تي 8500 کان وڌيڪ پوليس آفيسر ۽ جوان سيڪيورٽي فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن، جڏهن ته سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي پاران فراهم ڪيل اضافي نفري ان کان علاوه مقرر ڪئي وئي آهي ايس ايس پي لاڙڪاڻي مطابق ريپڊ ريسپانس فورس ۽ ليڊيز پوليس اهلڪارن سميت خاص ٽيمون جوڙيون ويون آهن جڏهن ته سمورن خاص رستن، وي وي آءِ پي روٽس ۽ حساس هنڌن جي سوئيپنگ ۽ ڪليئرنس جو عمل جاري آهي مزار جلسي گاهه ۽ آسپاس جي مڪمل سوئيپنگ اڄ رات تائين مڪمل ڪئي ويندي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته مزار جلسي گاهه ۽ سمورن اهم رستن تي نائيٽ ويزن سي سي ٽي وي ڪيمرائون مستقل بنيادن تي لڳايون ويون آهن. جڏهن ته ماضي ۾ اهي ڪيمرائون عارضي طور لڳايون وينديون هيون ان کان علاوه ڪچي جي علائقن جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پڻ مستقل ڪيمرائون لڳايون ويون آهن جن جي مانيٽرنگ عاقل شاهه ٿاڻي تان ڪئي پئي وڃي سموريون ڪيمرائون سولر سسٽم سان ڳنڍيل آهن ته جيئن بجلي بند ٿيڻ جي صورت ۾ به نگراني جو عمل متاثر نه ٿئي ايس ايس پي لاڙڪاڻي وڌيڪ ٻڌايو ته پوليس جي سمورن پوسٽن جي مرمت ۽ آرائش کان بعد انهن کي جديد سهولتن سان فعال ڪيو ويو آهي مزار تي سيڪيورٽي انتظام چار سطحي سيڪيورٽي نظام تحت ڪيا ويا آهن جلسي گاهه ۾ ڪنهن به قسم جو بيگ، شاپر يا سامان کڻي وڃڻ تي مڪمل پابندي هوندي، جڏهن ته اندرين حصي ۾ پوليس جون خاص ٽيمون متحرڪ رهنديون ۽ مشڪوڪ ماڻهن تي ڪڙي نظر رکي ويندي ان موقعي تي سنڌ جي گهرو وزير ضياءِ الحسن لنجار اجلاس کي هدايتون ڏنيون ته محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت جي ڏهاڙي تي سڄي صوبي ۾ فول پروف سيڪيورٽي انتظامن کي هر صورت ۾ يقيني بڻايو وڃي هن چيو ته جلسي گاهه، داخلي ۽ خارجي رستن، پارڪنگ ايرياز ۽ آسپاس جي علائقن ۾ پوليس، رينجرز ۽ ٻين قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جي اضافي نفري مقرر ڪئي وڃي گهرو وزير وڌيڪ هدايت ڏني ته ڪنهن به اڻوڻندڙ واقعي کي روڪڻ لاءِ خفيه نگراني، واڪ ٿرو گيٽس، ميٽل ڊيٽيڪٽرز ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرائن ذريعي سخت نگراني يقيني بڻائي وڃي شهرين جي سهولت ۽ سيڪيورٽي لاءِ گڏيل ٽريفڪ پلان جوڙيو وڃي متبادل رستن جي واضح نشاندهي ڪئي وڃي ۽ ٽريفڪ پوليس جا اهلڪار مقرر ڪيا وڃن سنڌ جي گهرو وزير واضح ڪيو ته قانون لاڳو ڪندڙ ادارا مڪمل الرٽ رهندا ۽ امن امان ۾ خلل وجهڻ جي ڪنهن کي به اجازت نه ڏني ويندي آخر ۾ گهرو وزير جي ترجمان عوام کي اپيل ڪئي ته هو سيڪيورٽي ادارن سان مڪمل تعاون ڪن ۽ ڪنهن به مشڪوڪ سرگرمي جي صورت ۾ فوري طور لاڳاپيل ادارن کي اطلاع ڏين

پارٽي حمايت يافته دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آءِ ايس پي آر موجب گذريل ڏينهن بلوچستان جي ضلعي ڪوهلو ۾ پارٽي حمايت يافته دهشتگردن جي موجودگي جي اطلاع تي سيڪيورٽي فورسز ڳجهي اطلاع جي بنياد تي ڪارروائي ڪئي ڪارروائي دوران پاڪ فوج دهشتگردن جي ٺڪاڻن کي موثر انداز ۾ نشانو بڻايو ۽ شديد فائرنگ جي ڏي وٺ ڪانپوءِ 5 پارٽي حمايت يافته دهشتگرد مارجي ويا. ڪارروائي ۾ دهشتگردن جي قبضي مان هٿيار، گولابارود ۽ ڌماڪيدار مواد به هٿ آيو جيڪي علائقي ۾ ڪيترن ئي دهشتگردانه سرگرمين ۾ ملوث هئا. بيان ۾ وڌيڪ چيو ويو ته علائقي ۾ ڪنهن به ٻي پارٽي حمايت يافته دهشتگرد کي ختم ڪرڻ لاءِ سينيٽائيزيشن آپريشن جاري آهي اهي ڪارروايون قومي ايڪشن پلان تحت وفاقي ايپيڪس ڪميٽي جي منظوري سان جاري "عزم استحڪام" ويزن تحت پاڪستان جي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن طرفان جاري دهشتگردي خلاف ڀرپور مهم جو حصو آهن جنهن جو مقصد ملڪ مان پرڏيهي حمايت يافته دهشتگردي جو مڪمل خاتمو آهي

شريف جي دعوت تي گڏيل عرب امارات جي صدر ۽ ابوظهبي جي حڪمران شيخ محمد بن زايد النهيان ڪالهه جمعي ڏينهن پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪيو. گڏيل عرب امارات جي صدر جي حيثيت سندس پاڪستان جو اهو پهريون سرڪاري دورو هو پاڪستان اچڻ تي شيخ محمد بن زايد النهيان جو انتهائي شاندار ۽ والهاڻو استقبال ڪيو ويو پاڪستاني فضائي حدن ۾ داخل ٿيندي ئي جي ايف 17 ويڙهاڪ جهازن شاهي جهاز کي گهيري ۾ وٺي ڇڏيو نور خان ايئربيس تي وزيراعظم محمد شهباز شريف، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار ۽ چيف آف آرمي اسٽاف ۽ چيف آف ڊفينس فورسز فيلڊ مارشل سيد عاصم منير گڏيل عرب امارات جي صدر جو استقبال ڪيو جڏهن ته ڪابينا جا ٻيا سينيئر ميمبر ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ ان موقعي تي موجود هئا. دوري دوران شيخ محمد بن زايد النهيان ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي وچ ۾ تفصيلي ۽ بامعنيٰ ڳالهه ٻولهه ٿي ملاقات ۾ پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي وچ ۾ پراڻي پائيداري لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻنهي اڳواڻن مختلف شعبن ۾ جاري

ترقي آءِ ٽي ٽيڪنالاجي ۽ عوامي رابطن سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ان سان گڏوگڏ ٻطرفي واپار ۾ اضافي جي ضرورت تي پڻ اتفاق ڪيو ويو جنهن ۾ گڏيل فائديمند ترقي جي وسيع صلاحيت موجود آهي ملاقات ۾ علائقائي ۽ عالمي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ويجهو رابطو ۽ تعاون جاري رکڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ٻطرفي لاڳاپن جي مثبت رخ تي اطمينان جو اظهار ڪندي ٻنهي اڳواڻن امن استحڪام ۽ پائيدار ترقي جي گڏيل هدفن کي حاصل ڪرڻ جي لاءِ ويجهو تعاون جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو. شيخ محمد بن زايد النهيان جو اهو دورو پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي وچ ۾ ويجهي پائيداري لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ ۽ اسٽريٽجڪ حصيداري کي فروغ ڏيڻ ۾ اهم سنگ ميل ثابت ٿيندو ٻئي طرف وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان سان انتهائي خوشگوار ۽ تعميري ڳالهه ٻولهه ٿي پاڪستان کي گڏيل عرب امارات سان پراڻي مضبوط ۽ پائيدار لاڳاپن تي فخر آهي. ڪالهه جمعي ڏينهن سماجي رابطي جي ويب سائيٽ ايڪس تي هڪ پوسٽ ۾ وزيراعظم چيو ته پنهنجي ڀاءُ گڏيل عرب امارات جي صدر شيخ محمد بن زايد النهيان جو پاڪستان جي سرڪاري دوري تي استقبال ڪرڻ منهنجي لاءِ خوشي جوڳو هو جيڪو نئين سال جي شروعات جي موقعي تي خوشين ۽ گرمجوشي ۾ اضافي جو سبب بڻيو هن چيو ته اسان انتهائي خوشگوار ۽ تعميري ڳالهه ٻولهه ڪئي جنهن دوران ٻطرفي تعاون جي مختلف شعبن ڪانسواءِ امن ۽ خوشحالي جي لاءِ ڪئي ويندڙ ڪوشش تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. وزيراعظم چيو ته پاڪستان کي گڏيل عرب امارات سان پنهنجي پراڻي مضبوط ۽ پائيدار لاڳاپن تي فخر آهي جيڪي منهنجي عزيز ڀاءُ شيخ محمد بن زايد النهيان جي سرپرستي ۾ وڌيڪ مضبوط ٿي رهيا آهن

موقعي تي پاڪستان حڪومت پاران خصوصي استقبالي نغمو جاري ڪيو ويو استقبالي نغمي جا ٻول "اهلاوسهلا مرحبا" تي ٻڌل آهن نغمي ۾ گڏيل عرب امارات جي صدر جي پاڪستان اچڻ ان جي شاندار استقبال ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف سان گرمجوشي سان هٿ ملائڻ ۽ ڀاڪر لڳائڻ جا منظر شامل آهن جڏهن ته ٻارن پاران شيخ محمد بن زايد النهيان کي گل پيش ڪرڻ جا دلڪش منظر پڻ ڏيکاريا ويا آهن اهو نغمو ٻنهي ملڪن جي وچ ۾ پراڻي دوستي ۽ عوامي سطح تي محبت ۽ احترام جي عڪاسي ڪري ٿو نغمي جا ٻول خصوصي مهمان جي لاءِ پاڪستان جي عوام جي جذبن ۽ خيرسگالي جي اظهار جي علامت آهن ان نغمي جي ذريعي پاڪستان ۽ گڏيل عرب امارات جي پائيداري لاڳاپن، گڏيل احترام ۽ تعاون جي مضبوط رشتي کي اجاگر ڪيو ويو آهي

ماحول ۾ جتي جمهوريت کي بار بار پابندين کي منهن ڏيڻو پيو آمريت مؤفيل رهي ۽ عورتن جي لاءِ رستا مشڪل بڻايا ويا، هن آئين پارليامينٽ ۽ عوام جي ووٽ جي حق جي لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي چونڊن ۾ سندس بار بار ڪاميابي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هو پرامن سياست ۽ جمهوريت تي پورو يقين رکندي هئي. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب صدر آصف علي زرداري شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 18هين ورسيءَ تي پنهنجي پيغام ۾ چيو ته اڄ 27 ڊسمبر تي سڄي دنيا ۾ ۽ خاص طور تي پاڪستان ۾ شهيد جمهوريت محترمه بينظير ڀٽو کي ياد ڪيو پيو وڃي. اسان هڪ اهڙي اڳواڻ کي خراج عقيدت پيش ڪري رهيا آهيون جنهن جي زندگي ۽ قرباني پاڪستان ۾ جمهوريت جي جدوجهد سان مضبوط تعلق رکي ٿي. هن چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو اسلامي دنيا جي پهرين عورت وزيراعظم هئي جنهن کي پاڪستان جي عوام ٻه ڀيرا چونڊيو هڪ اهڙي سياسي ماحول ۾ جتي جمهوريت کي بار بار پابندين کي منهن ڏيڻو پيو آمريت مؤفيل رهي ۽ عورتن جي لاءِ رستا مشڪل بڻايا ويا، هن آئين، پارليامينٽ ۽ عوام جي ووٽ جي حق لاءِ ڀرپور جدوجهد ڪئي، چونڊن ۾ سندس بار بار ڪاميابي ان ڳالهه جو ثبوت آهي ته هو پرامن سياست ۽ جمهوريت تي يقين رکندي هئي. هن انهن ماڻهن جي ڳالهه ڪئي جن جو معاشري ۾ ڪو آواز نه هو آبادگار، مزدور ۽ غريب خاندان پاڻ کي ان جي ويجهو محسوس ڪندا هئا ۽ اهي ئي ماڻهو سندس سياست جو مرڪز هئا. هن عوامي ڀلائي تي ڌيان ڏنو ۽ خاص طور تي نوجوانن جي لاءِ روزگار، تعليم، بنيادي سهولتن ۽ سماجي ترقي جا موقعا وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي صدر آصف علي زرداري چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو هڪ اهڙي پاڪستان تي يقين رکندي هئي جنهن ۾ سڀني جي شموليت هجي، هو فرقيواريت، نفرت ۽ عدم برداشت جي خلاف هئي ۽ اقليتن جي حقن جي لاءِ مسلسل آواز اٿاريندي رهي، سندس خواب هڪ اهڙو ملڪ هو جتي مذهب کي مڃيندڙ عزت، برابري ۽ تحفظ سان زندگي گذاري سگهن. هوءَ اهو به سمجهندي هئي ته پاڪستان کي بدلجندڙ دنيا سان گڏ هلڻو پوندو. صدر چيو ته 1990ع جي ڏهاڪي ۾ هن معيشت کي بهتر بڻائڻ، سيڙپڪاري آڻڻ ۽ جديد ميڊيا کي فروغ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي انهن قدمن سان ايندڙ وقت ۾ بهتر رابطن ۽ معاشي موقعن جي راهه هموار ٿي. انتهاپسندي جي خلاف سندس جرئتمندانو موقف سندس يادگار خدمتن ۾ شامل آهي. هن تشدد ۽ نفرت جي خلاف کلي ڳالهه ڪئي ۽ پنهنجي نظرين جي قيمت حياتي جي صورت ۾ ادا ڪئي. سندس شهادت اسان کي اهو سيکاري ٿي ته دهشتگردي جو مقابلو رڳو طاقت سان نه پر سوچ، تعليم ۽ هڪ ٻئي جي احترام سان به ڪيو وڃي ٿو هن چيو ته پاڪستان جي نوجوانن جي لاءِ سندس زندگي ۾ هڪ واضح پيغام آهي ته انصاف جي لاءِ آواز اٿاريو، پرامن طريقي سان منظم ٿيو ۽ مشڪل حالتن ۾ به اميد جو دامن نه ڇڏيو هن پابندين ۽ دٻاءُ جو حوصلي سان مقابلو ڪيو ۽ اهو ثابت ڪيو ته سچ کي سدائين جي لاءِ نه ٿو دٻائي سگهجي صدر چيو ته شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 18هين ورسيءَ تي اسان کي نفرت بدران اتحاد جو رستو اختيار ڪرڻو پوندو شهيد محترمه بينظير ڀٽو انتقام جي سياست تي يقين نه رکندي هئي. هو اسان کي بار بار ياد ڏياريندي هئي ته اصل بدلو جمهوريت آهي. سندس پيغام اسان کي هڪ ٻئي جي ويجهو آڻي ٿو جمهوري ادارن کي مضبوط ڪرڻ ۽ ملڪ جي ترقي جي لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي تلقين ڪري ٿو

7 جوابدارن کي ڏوهه ثابت ٿيڻ تي قيد جي سزا ٻڌائي وئي. عدالت پي ٽي آءِ جي سينيئر اڳواڻ ميان محمود الرشيد کي مجموعي طور 33 سال قيد ۽ 6 لک رپيا ڏنڊ جي سزا ٻڌائي عدالتي فيصلي موجب، ميان محمود الرشيد کي مختلف قلمن تحت الڳ الڳ سزائون ڏنيون ويون آهن لکت ۾ جاري ڪيل فيصلي موجب، ڊاڪٽر ياسمين راشد، عمر سرفراز چيما ۽ اعجاز چوڌري کي 10، 10 سال قيد جي سزا ٻڌائي وئي آهي فيصلي ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته ڊاڪٽر ياسمين راشد، اعجاز چوڌري ۽ عمر سرفراز چيما سازش واري اجلاس ۾ موجود رهيا ۽ پراسيڪيشن موجب ڊاڪٽر ياسمين راشد سميت چئن اڳواڻن عوام کي وڳوڙن لاءِ ورغلايو فيصلي ۾ چيو ويو آهي ته پراسيڪيشن طرفان مختلف واٽس ايپ پيغامن ۽ 70 سوشل ميڊيا اڪائونٽن جا تفصيل عدالت ۾ پيش ڪيا ويا، جڏهن ته ملزمان خلاف فارنزڪ رپورٽون پڻ پيش ڪيون ويون عدالت موجب جي آءِ ٽي جي جاچ ٽيم جوابدارن کي ڏوهي قرار ڏنو ۽ جوابدارن جي آءِ ٽي رپورٽ کي ڪنهن به فورم تي چئلينج نه ڪيو فيصلي ۾ اهو به چيو ويو آهي ته جوابدارن پنهنجن حتمي بيانن ۾ پاڻ کي بيگناهه قرار ڏنو پر عدالت ثبوتن جي بنياد تي سزائون ٻڌايون

پيپلز پارٽي طرفان شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 18 هين ورسي ملهائڻ جي سلسلي ۾ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن ان سلسلي ۾

سکرنڊ ۾ شهيد راڻي جي شهادت ۽ قربانين تي ڪارڪنن پاران ڏيئا ٻاري ڀيٽا پيش

قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي شهيد بينظير جي تصوير اڳيان ڏيئا ٻاري ۽ گل نڇاور ڪيا ويا

سوين ورڪرن ۽ جيالن جي موجودگي ۾ "جيئي ڀٽو" ۽ "زنده هي بيبي زنده" جا نعرا بلند

سکرنڊ (س ر) پاڪستان پيپلز پارٽي تعلقه سکرنڊ جي سينئر ورڪرن پاران قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي شهيد راڻي محترمه بينظير ڀٽو جي شهادت ۽ سندس ڏنل لازوال قربانين تي سندس تصوير آڏو ڏيئا ٻاري گل نڇاور ڪري لفظن جي ڀيٽا پيش ڪئي وئي ان موقعي تي پارٽي جي سينيئر اڳواڻ حاجي علي نواز چانڊيو ، اڳوڻي ضلعي جنرل سيڪريٽري غلام شاهه لغاري ، غلام علي چانڊيو، ريام خان ٻاهي ، علي گل جلباڻي ۽ فقير يوسف زرداري الڳ الڳ ڳالهائيندي چيو ته شهيد راڻي هڪ ڪردار جو نالو جمهوريت جي علامت ، عالمي ليڊر ۽ بردبار قائد جو مقام رکندڙ دنيا جي عظيم عورت هئي جيڪا بهادري جو مثال پڻ هئي هن چيو ته شهيد راڻي اسان ورڪرن لاءِ ڇپر ۽ ڇانو هئي جنهن جي وڇوڙي پارٽي کي يتيم ڪري ڇڏيو آهي مرحومه جسماني طور اسان کان جدا ٿي آهي پر هوءَ فڪر ۽ فلسفي جي صورت ۾ اڄ به زنده سندس وڇوڙي جو خال جيڪو صدين تائين پورجي نٿو سگهي هنن وڌيڪ چيو ته اسين شهيد راڻيءَ جا پوئلڳ اڄ قاضي سرفراز ميمڻ چوڪ تي گڏ ٿي سندس سارڙيون ساري رهيا آهيون ان موقعي تي سوين ورڪر ۽ جيالا موجود هئا جن ۾ راڄو خان جلباڻي ، امام الدين جلباڻي ، راجا وسيم لغاري ، علي نواز جلباڻي ، مير عبدالجبار چانڊيو ، حاجي مراد علي ملاح ، عبدالحفيظ مگسي ،امتياز علي ڪيريو ، غلام عباس مگسي ، عبداللطيف لغاري ، سراج احمد چانڊيو ، پرويز احمد چانڊيو ، غلام سرور رند ، حاجي رسول بخش رند ، عمران علي ڪيريو ، نواب علي ڪيريو ، ياسر نواز چانڊيو ، مير بالاچ خان چانڊيو ، شفيع محمد چانڊيو ، آصف لاشاري ، اسد علي چانڊيو ، اسامه شاهه لغاري ، محمد رفيق لاشاري ، ممتاز علي لاشاري ، حاجي احمد چوهاڻ ، بهاول شاهاڻي ، عامر علي چانڊيو ، ڊاڪٽر علي حسن راڄپوت ۽ ٻيا شامل هئا گل نڇاور ڪرڻ وقت جيئي ڀٽو ۽ زنده هي بيبي زنده جا نعرا لڳايا ويا

سکر کان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو تائين پيپلز پارٽي جو پيدل قافلو روانو

ميئر سکر، پيپلز پارٽي سکر ڊويزن جا عهديدار ۽ بئرسٽر ارسلان اسلام شيخ جي قيادت ۾ قافلو روانو ٿيو

پيدل قافلو جمهوريت، قرباني ۽ شهيد بينظير ڀٽو سان لازوال محبت جو پيغام ڏئي ٿو: اڳواڻ

سکر(بيورو رپورٽ) پيدل قافلو سکر کان ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي مزار ڏانهن روانو. ترجمان سنڌ حڪومت ، ميئر سکر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي سکر ڊويزن جي انفارميشن سيڪريٽري بئرسٽر ارسلان اسلام شيخ ڊپٽي ميئر ۽ صدر پاڪستان پيپلز پارٽي سکر سٽي ڊاڪٽر ارشد مغل ۽ ٻين پارٽي عهديدارن جي قيادت هيٺ ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي مزار ڏانهن پيدل قافلو اڄ باقاعدي طور سکر مان روانو ٿي ويو. ان موقعي تي بئرسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته هي پيدل قافلو پاڪستان پيپلز پارٽي جي عوامي سياست، جمهوري جدوجهد ۽ شهيدن جي مشن سان اٽل وابستگي جو واضح اظهار آهي. هن چيو ته قافلي جي شرڪت ڪندڙن لاءِ ڪيل سمورا انتظام سهولت، تحفظ ۽ نظم و ضبط کي يقيني بڻائڻ جي عزم جي عڪاسي ڪن ٿا. هن ميڊيا جي نمائندن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته ميڊيا هميشه جمهوري قدرن ۽ عوامي سرگرمين کي اجاگر ڪرڻ ۾ ذميوارانو ڪردار ادا ڪيو آهي ۽ اميد ظاهر ڪئي ته هن پيدل قافلي جي سرگرمين کي به مثبت، بروقت ۽ ادرائتي انداز ۾ عوام تائين پهچايو ويندو. ان موقعي تي ڊپٽي ميئر سکر ۽ صدر پاڪستان پيپلز پارٽي سکر سٽي ڊاڪٽر ارشد مغل چيو ته هي ڪو عام سفر نه پر محبت، قرباني ۽ وفا جي هڪ روشن داستان آهي. جيالا سکر کان ڳڙهي خدا بخش تائين پيدل هلي پنهنجي عظيم اڳواڻ محترمه شهيد بينظير ڀٽو کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ وڃي رهيا آهن. هر قدم عهدي وفا جي نشاني هر نعرو قرباني جي صدا ۽ هر چهرو عزم ۽ حوصلي جي تصوير آهي. هن وڌيڪ چيو ته جيالا اڄ ٻيهر اهو ثابت ڪري رهيا آهن ته شهيد اڳواڻ ڪڏهن به ناهن مرندا، بلڪ قومن جي دلين ۾ هميشه زنده رهندا آهن. هي قافلو جمهوريت، قرباني ۽ محترمه شهيد بينظير ڀٽو سان لازوال محبت جي علامت آهي. ان موقعي تي پاڪستان پيپلز پارٽي سکر جا سينئر عهديدار، ڪارڪن ۽ جيالا وڏي انگ ۾ موجود هئا. روانگي کان اڳ سکر هائوس ۾ قافلي جي شرڪت ڪندڙن لاءِ ناشتي جو بندوبست ڪيو ويو جنهن کان پوءِ مقرر وقت تي قافلو پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو. پيدل قافلي لاءِ جامع منظم ۽ باوقار انتظام ڪيا ويا هئا ته جيئن شرڪت ڪندڙن کي سفر دوران هر ممڪن سهولت ملي سگهي. قافلي سان گڏ هڪ معاون گاڏي پڻ موجود آهي، جنهن ۾ فرسٽ ايڊ، صاف پاڻي، کاڌي پيتي جو سامان ۽ موبائل چارجنگ سميت بنيادي سهولتون هر وقت دستياب رهنديون، جيئن شرڪت ڪندڙن کي ڪنهن به قسم جي تڪليف پيش نه اچي. ان کان علاوه سفر دوران مختلف هنڌن تي چانهه، منجهند جي ماني، آرام ۽ قيام جا مناسب انتظام پڻ ڪيا ويا آهن. طئي ٿيل شيڊيول موجب قافلو مديجي پهچندو جتي رات جي قيام کان پوءِ ايندڙ ڏينهن ڳڙهي خدا بخش ڀٽو جي مزار ڏانهن روانگي ڪئي ويندي. مزار تي پهچڻ بعد قافلي جي سڀني شرڪت ڪندڙن لاءِ منجهند جي ماني جو پڻ مڪمل بندوبست ڪيو ويو آهي.

سنڌ جو اڳوڻو وڏو وزير سيد قائم علي شاهه ڳڙهي خدا بخش پهتو

شهيد راڻي جي مزار تي حاضري ڀري گلن جي چادر چاڙهي ۽ مغفرت لاءِ دعا گهري

اڄ قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر ۽ پ پ عهديدار قافلي سان ڳڙهي خدا بخش پهچندا

خيرپور(د ر) سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه ڳڙهي خدا بخش پهچي شهيد بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري 27 ڊسمبر (اڄ) ضلعي جي مختلف علائقن مان ڪارڪنن جا قافلا ڳڙهي خدا بخش پهچندا. تفصيل موجب، سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير سيد قائم علي شاهه خيرپور کان ڳڙهي خدا بخش پهتو ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري مزار تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي مغفرت لاءِ دعا گهري ان دوران 27 ڊسمبر (اڄ) قومي ۽ صوبائي اسيمبلين جا ميمبر ۽ پي پي پي جا عهديدار هڪ وڏي قافلي سان ڳڙهي خدا بخش پهچندا، شهيد بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڏيندا ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي جلسي ۾ شرڪت ڪندا. پيپلز پارٽيءَ جا اڳواڻ ۽ ميمبر جلسي ۾ شرڪت ڪرڻ ۽ شهيد بينظير ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀرڻ لاءِ ڳڙهي خدا بخش ويندا. ضلعي جي مختلف حصن مان ڳڙهي خدا بخش قافلي جي قيادت ڪندڙ ۾ قومي اسيمبلي جي ميمبر پير سيد فضل علي شاهه جيلاني،پيپلز پارٽي جي اڳواڻ سينيٽر پير سيد ڪاظم علي شاهه لڪياري، پير احمد رضا شاهه (جگنوسائين) شامل آهن ان موقعي تي ڊاڪٽر سيده نفيسه شاهه جيلاني ايم اين اي، ڊاڪٽر مهرين ڀٽو ايم اين اي، سيد جاويد علي شاهه جيلاني ايم اين اي، سنڌ جو اڳوڻو گهرو وزير منظور حسين وسان، پ پ جي ضلعي خيرپور جي صدر نواب خان وسان، بئريسٽر هالار خان وسان، ايم پي اي بئريسٽر شيراز شوڪت راڄپر ايم پي اي، سردار نعيم احمد کهڙو ايم پي اي، سيد محرم علي شاهه،رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر سيڪنڊري پروفيسر عبدالسميع پنهور هنگورجا جو آفتاب احمد پنهور، محمد صالح پنهور الهوڙايو خان پنهور، محمد يوسف ڪاتوري ۽ ٻيا شامل آهن

حيدرآباد ۾ قائداعظم اسپورٽس فيسٽيول 2025 شاندار انداز ۾ منعقد

ٽي ڏينهن تائين جاري فيسٽيول ۾ فٽسال، جوڊو، آرچري، ريسلنگ ۽ ٻين رانديون جا مقابلا

تقريب ۾ 300 نوجوان رانديگرن شرڪت ڪئي، مختلف ادارن ۽ اڪيڊميز کي اعزاز

فيسٽيول ذريعي نوجوانن ۾ صلاحيت، نظم ۽ صحتمند مقابلو وڌائڻ آهي: مريم ڪيريو

حيدرآباد (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت جي رانديون واري کاتي طرفان ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر مريم ڪيريو جي نگراني هيٺ حيدرآباد ۾ قائداعظم اسپورٽس فيسٽيول 2025 شاندار ۽ ڪامياب انداز ۾ منعقد ڪيو ويو جيڪو ٽن ڏينهن تائين جاري رهڻ بعد اختتام پذير ٿي ويو.هي ٽي ڏينهن وارو اسپورٽس فيسٽيول سنڌ اسپورٽس بورڊ (SSB)حيدرآباد ڪلب ۽ سنڌ اسپورٽس بورڊ هاسٽل ۾ منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف رانديون جا مقابلا ڪرايا ويا. ترجمان موجب، فيسٽيول جو اهتمام MEMSاسپورٽس فائونڊيشن حيدرآباد طرفان ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر حيدرآباد ۽ کاتو رانديون ۽ نوجوانن جا معاملا حڪومت سنڌ جي سهڪار سان ڪيو ويو. تقريب ۾ اظهر سيال عمير چانڊيو سينيئر صحافي ناز سهتو ۽ ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر ايسٽ ڪراچي سيد اسماعيل شاهه شرڪت ڪئي. مهمانن نوجوان رانديگرن جي همت افزائي ڪندي چيو ته اهڙا اسپورٽس ايونٽس رانديون جي واڌاري لاءِ وقت جي اهم ضرورت آهن. ترجمان وڌيڪ ٻڌايو ته فيسٽيول دوران فٽسال، تيراندازي (آرچري)، جوڊو، آرم ريسلنگ، ڪراٽي، ريسلنگ (ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون)، پاور لفٽنگ، ڊاج بال ۽ شطرنج سميت مختلف رانديون جا مقابلا منعقد ڪيا ويا، جن ۾ 300 جي لڳ ڀڳ رانديگرن شرڪت ڪئي.ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر مريم ڪيريو موجب فٽسال ۾ گورنمينٽ ڊگري ڪاليج لطيف آباد نمبر 11 حيدرآباد پهرين ۽ HIMTSيونيورسٽي ٻي پوزيشن حاصل ڪئي. آرچري ۾ MEMSفائونڊيشن پهرين جڏهن ته HITMSيونيورسٽي ٻي پوزيشن تي رهي.هن ٻڌايو ته جوڊو ۽ آرم ريسلنگ ۾ MEMSاڪيڊمي ڪاميابي حاصل ڪئي جڏهن ته ڪراٽي ۾ ABڪراٽي اڪيڊمي پهرين پوزيشن ماڻي. ريسلنگ (ڇوڪرا) ۾ ڪراچي ۽ ريسلنگ (ڇوڪريون) ۾ حيدرآباد پهرين پوزيشن حاصل ڪئي. پاور لفٽنگ ۾ ٽنڊو جام اڪيڊمي پهرين رهي، جڏهن ته ڊاج بال (ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون) ٻنهي ڪيٽيگريز ۾ ڪراچي جون ٽيمون ڪامياب رهيون. هن وڌيڪ ٻڌايو ته شطرنج جا مقابلا 25 ڊسمبر تي SSBهاسٽل حيدرآباد ۾ منعقد ڪيا ويا، جن جا آرگنائزر محمد سليم هئا. اختتامي تقريب کي خطاب ڪندي ڊسٽرڪٽ اسپورٽس آفيسر مريم ڪيريو چيو ته اهڙن فيسٽيولن ذريعي نوجوان رانديگرن کي پنهنجي صلاحيتن جي اظهار، صحتمند مقابلي ۽ نظم و ضبط سکڻ جا بهتر موقعا مليا آهن.

جنهن ۾ پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري، ڪو چيئرمين ۽ صدر پاڪستان آصف علي زرداري، ايم اين اي فريال ٽالپر، آصفه ڀٽو زرداري، بي بي بختاور ڀٽو زرداري، پ پ سنڌ جو صدر نثار احمد کهڙو، ايم پي اي جميل احمد سومرو، ايم پي اي سهيل انور سيال سميت ٻيا مرڪزي، صوبائي توڙي مقامي اڳواڻ شرڪت ڪري جلسي کي خطاب پڻ ڪندا. هوڏانهن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي 18 هين ورسي جي موقعي تي ڳڙهي خدا بخش ڀٽو ۾ ملڪ جي شهرن سان گڏ دنيا جي ٻاهرين ملڪن سان واسطو رکندڙ اڳواڻن، ورڪرن، جيالن ۽ عام ماڻهن جي اچڻ جو سلسلو شروع ٿي ويو آهي، جيڪي پنهنجي اڳواڻن جي مزارن تي حاضريون ڀري گلن جون چادرون چاڙهي فاتح خواني ڪري رهيا آهن. ٻئي پاسي جلسي گاهه جي سيڪيورٽي لاءِ 7 هزار کان وڌيڪ فيميل ۽ ميل پوليس آفيسر اهلڪارن سان گڏ 300 رينجرس جا جوان پڻ مقرر ڪيا ويا آهن جڏهن ته واڪ ٿرو گيٽس، سي سي ٽي وي ڪيمرائون بم ڊسپوزل اسڪواڊ کي پڻ طلب ڪيو ويو آهي، جيڪي ڪنهن به اڻ وڻندڙ واقعي کي منهن ڏيڻ لاءِ تيار هوندا، جڏهن ته وڏي انگ ۾ ٽريفڪ پوليس اهلڪارن ۽ عملدارن کي پڻ ٽريفڪ جي بهتري لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي، جيڪي پڻ پنهنجيون ڊيوٽيون سرانجام ڏيندا.

ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب بي بي آصفه ڀٽو زرداري قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار تي پڻ فاتحه خواني ڪئي. بي بي آصفه ڀٽو زرداري شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو ۽ شهيد مير شاهنواز ڀٽو جي مزارن تي پڻ گل چاڙهيا. بي بي آصفه ڀٽو زرداري جمهوريت جي شهيدن جي مزار تي عوامي خوشحالي ۽ ملڪي سلامتي جي لاءِ دعائون پڻ ڪيون

وزيراعظم محمد شهباز شريف جي دعوت تي گڏيل عرب امارات جي صدر ۽ ابوظهبي جي حڪمران شيخ محمد بن زايد النهيان پاڪستان جو سرڪاري دورو ڪيو. گڏيل عرب امارات جي صدر جي حيثيت سان سندس پاڪستان جو اهو پهريون سرڪاري دورو هو پاڪستان اچڻ تي شيخ محمد بن زايد النهيان جو انتهائي شاندار ۽ والهاڻو استقبال ڪيو ويو نور خان ايئربيس تي وزيراعظم محمد

خيرپور: ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس جو سينيٽري ورڪر عدالت ۾ پيش، ريمانڊ رد، جيل منتقل

خيرپور(د ر) خيرپور ۾ ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس جو سينيٽري ورڪر عبدالستار ميتلو سيڪنڊ سول جج جي عدالت ۾ پيش، عدالت پوليس جي ريمانڊ واري درخواست رد ڪندي جوابدار کي جيل اماڻي ڇڏيو واضح رهي ته ليڊي هيلٿ سپروائيزر فيروزان لاشاري طرفان شاهه حسين ٿاڻي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس جي سينيٽري ورڪر عبدالستار ميتلو خلاف ايف آءِ آر داخل ڪرائيندي موقف اختيار ڪيو ويو هو ته جوابدار عبدالستار ميتلو ليڊي هيلٿ ورڪرن جا 52 سروس بوڪ ۽ 8 لک رپيا روڪ رقم وٺي واپس نه ڪيا آهن فيروزان لاشاري اهو پڻ ڄاڻايو آهي ته جوابدار عبدالستار ميتلو رقم ۽ سروس بوڪ واپس گهرڻ تي کيس پسٽل ڏيکاري حراسان ڪري موتمار ڌمڪيون پڻ ڏنيون ڪيس داخل ٿيڻ بعد پوليس طرفان جوابدار کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو ويو هو جتي عدالت طرفان جوابدار کي ٻن ڏينهن جي ريمانڊ تي پوليس حوالي ڪيو ويو هو اڄ پوليس طرفان جوابدار کي عدالت ۾ پيش ڪري جوابدار جي 11 ڏينهن جي وڌيڪ جسماني ريمانڊ جي استدعا ڪئي وئي عدالت ريمانڊ واري درخواست رد ڪندي جوابدار کي جيل اماڻي ڇڏيو

امارات جي صدر جو شاندار استقبال ڪيو جڏهن ته ڪابينا جا ٻيا سينيئر ميمبر ۽ اعليٰ سرڪاري عملدار پڻ ان موقعي تي موجود هئا. دوري دوران شيخ محمد بن زايد النهيان ۽ وزيراعظم محمد شهباز شريف جي وچ ۾ تفصيلي ۽ بامعنيٰ ڳالهه ٻولهه ٿي ۽ پراڻي پائيداري لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ٻنهي اڳواڻن مختلف شعبن ۾ جاري تعاون جي اڳڀرائي جو جائزو ورتو ۽ گڏيل رابطن کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي امڪانن تي غور ڪيو هنن معيشت، سيڙپڪاري، توانائي، انفرااسٽرڪچر جي ترقي، آءِ ٽي ٽيڪنالاجي ۽ عوامي رابطن سميت مختلف شعبن ۾ تعاون وڌائڻ جي اهميت تي زور ڏنو ان سان گڏوگڏ ٻطرفي واپار ۾ اضافي جي ضرورت تي پڻ اتفاق ڪيو ويو ملاقات ۾ علائقائي ۽ عالمي معاملن تي پڻ خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي ۽ گڏيل دلچسپي جي معاملن تي ويجهو رابطو ۽ تعاون جاري رکڻ جي

جيڪب آباد ۾ گهنيه اتحاد جو گرينڊ ڪنوينشن، برادري جي اتحاد ۽ خدمت تي زور

برادري جي خدمت، بيواهه عورتن ۽ نوجوانن جي تعليم لاءِ جدوجهد جاري رهندي: سجاد گهنيو

هر برادري کي پيار، محبت ۽ اخلاق سان گڏ رهڻ جي ضرورت آهي: مير اعجاز حسين جکراڻي

گهنيه برادري ۽ مقامي عوام سان هر ڏک ۽ سک ۾ ساٿ ڏيڻ جو واعدو ڪيون ٿا: شير مغيري

جيڪب آباد (د ر) جيڪب آباد ۾ آل پاڪستان گهنيه اتحاد پاران چيئرمين سجاد حسين گهنيو جي سربراهي هيٺ مقامي شادي هال ۾ گهنيه گرينڊ ڪنوينشن ڪوٺايو ويو جنهن ۾ پي پي پي ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي ايم پي اي شير محمد مغيري، ضلعي صدر مير لياقت علي لاشاري مهمان خاص طوري شريڪ ٿيا، جڏهن ته گهنيه اتحاد جو ضلعي صدر شوڪت علي گهنيو خير محمد گهنيو مير سهيل خان بروهي، ڪائونسلر آصف علي مغيري سميت سنڌ، بلوچستان توڙي پنجاب جي مختلف شهرن کان گهنيه برادري جي معززين وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي ان موقعي تي ڪنوايل ڪنوينشن کي چيئرمين سجاد حسين گهنيو خطاب ڪندي چيو ته گهنيه اتحاد جي پليٽ فارم تان برادري جي خدمت ڪرڻ جو جذبو رکون ٿا، برادري سان گڏجي بيواهه عورتن جي مدد، غريب گهراڻن سان تعلق رکندڙ ڇوڪرين جي ڏاج سميت نوجوانن جي تعليم لاءِ جدوجهد ڪرڻ جا خواهشمند آهيون ايم اين اي مير اعجاز حسين جکراڻي خطاب ڪندي چيو ته گهنيه برادري جو اتحاد ڏسي دل کي خوشي محسوس ٿي آهي هر برادري کي هڪٻئي سان پيار محبت ۽ اخلاق سان رهڻ گهرجي ۽ هڪٻئي جي مدد ڪرڻ گهرجي جڏهن ته ايم پي اي شير محمد مغيري خطاب ڪندي چيو ته اسلام ٻڌي ۽ ايڪي جو درس ڏئي ٿو اوهان جي برادري جو ايڪو ڏسي سٺو محسوس ڪيان ٿو آئون گهنيه برادري سميت ٺل جي عوام سان هر ڏک، سک ۾ ساٿ ڏيندس ڪنوينشن ۾ انهن کان اڳ ٻين معززين پڻ خطاب ڪيو.

ملاڪاتيار: سيد قبول محمد شاهه جي لاڏاڻي تي مير جعفر خان مندوخيل جي وارثن سان تعزيت

خرم ڪريم سومرو، مقامي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سميت علائقي جون معزز پڻ عذر خواهي ڪئي

ملاڪاتيار (ن ع) گورنر بلوچستان مير جعفر خان مندوخيل پيپلزپارٽي اڳواڻ ۽ سابق صوبائي وزير سيد قبول محمد شاهه جي لاڏاڻي تي سيد پور پهچي مرحوم جي فرزندن سان تعزيت ڪئي . هن مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه پڙهي ۽ سوڳوار خاندان سان ڏک جي گهڙي ۾ دلي همدردي جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي ايم پي اي خرم ڪريم سومرو مقامي سياسي ۽ سماجي اڳواڻن سميت علائقي جون معزز شخصيتون پڻ موجود هيون.

ڪنڌڪوٽ ۾ قتل ٿيل پيءُ ۽ پٽ جو 7 جوابدارن تي ڪيس داخل

صدام حسين گولو جي فرياد تي ٽن سڳن ڀائرن ۽ 4 اڻ سڃاتلن خلاف ڪيس داخل ڪيو ويو

ڪنڌڪوٽ (د ر) ڪنڌڪوٽ ملڪيت جي معاملي تي ويجهي ڀاءُ ذيشان گولو ۽ سندس ساٿين جي مدد سان قتل ٿيل عارف گولو سندس پٽ عاشر گولو جو قتل ڪيس مقتول عارف جي سالو صدام حسين گولو جي فرياد تي اي سيڪشن ٿاڻي تي گرفتار ٿيل جوابدارن ذيشان گولو سندس ڀائيٽيو سمير گولو ڀاڃائي شهنيلا عرف بيلا زال سرفراز عرف دانش عباسي ۽ چار اڻ سڃاتل جوابدار شامل ڪري ڪيس داخل ڪيو ويو آهي فريادي ايف آءِ آر ۾ موقف ۾ چيو آهي ته اسان دعوت تي ماروٺ ذيشان گولو وٽ آياسي ته ذيشان گولو ۽ سندس چار اڻ سڃاتل جوابدارن اسان کي ڪمري ۾ بند ڪري ملڪيت جي معاملي تي ذيشان گولو عارف سان جهيڙو ڪري ٽي ٽي پسٽل جا فائر ڪري زخمي ڪيو جيڪي ٽڙپي ٽڙپي زخمن جا سور نه سهندي مري ويو جن جا لاش سندس پيٽرول هاري باهه ڏئي ساڙي ڪري سندس هڏا بورن ۾ وجهي ڪري مهراڻ ڪار ۾ کڻي جوابدار گڊو درياءَ ۾ اڇلائڻ لاءِ ويا سندس پويان چار اڻ سڃاتل جوابدار به نڪري ويا جن کي ڏسي سڃاڻيندس بعد ۾ اسين دروازو ڀڃي نڪتاسي.

ٽنڊوباگو ۾ معصوم ٻار آصف علي ڏيهو جي بيماري تي ڊي سي جو نوٽيس

ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي ميڊيا رپورٽن ڪانپوءِ ڊاڪٽرن جي ٽيم موڪلي

معصوم کي جلد ڪراچي جناح اسپتال منتقل ڪيو ويندو: ڊاڪٽر آفتاب جمالي

ٽنڊوباگو (ٽ ر) ٽنڊوباگو پرسان ڳوٺ جمعون ڏيهو جو رهواسي معصوم آصف علي ڏيهو جي پر اسرار بيماري جو ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي ميڊيا ۾ خبرون هلڻ بعد نوٽيس وٺندي ڊاڪٽرن جي ٽيم موڪلي جنهن ۾ ٻارن جي ماهر ڊاڪٽر ايم ايس ٽنڊوباگو آفتاب جمالي معصوم آصف علي ڏيهو جي طبيعت جي چڪاس ڪئي ۽ معصوم آصف علي ڏيهو جي والد محمد قاسم کان ٻار جي معلومات ورتي جتي ٻارن جي ماهر ڊاڪٽر ۽ ٽنڊوباگو جي ايم ايس آفتاب جمالي چيو ت هن معصوم کي جلد ڪراچي جناح اسپتال موڪليو ويندو معصوم جي هر طرح سان مدد ڪئي ويندي انهي موقع تي معصوم آصف علي جي امڙ ۽ والد چيو ت اسان ڊپٽي ڪمشنر بدين ياسر ڀٽي ايم ايس ٽنڊوباگو آفتاب جمالي ۽ صحافي يوسف ميراڻي جا شڪر گذار آهيون ۽ کين هميش دعائون ڏيندا رهنداسين انهي موقع تي ٽنڊوباگو پريس ڪلب جي يوسف ميراڻي عبدالستار ڪنڀار فياض ڪنڀار پڻ ڊاڪٽرن جي ٽيم سان گڏ هئا

مورو ۾ قتل ٿيل عبدالخالق مستوئي جي جنازي نماز ادا

جنازي نماز ۾ سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ مذهبي اڳواڻن جي شرڪت

وارثن مطالبو ڪيو ته فائرنگ ڪندڙن خلاف مڪمل جاچ ۽ سخت سزا ڏني وڃي

مورو(ن ع) مورو شهر جي درس روڊ مهراڻ ڪالوني مستوئي محلا جي رهواسي محمد سليم مستوئي سعيد مستوئي اويس مستوئي جو والد، عبدالحميد مستوئي، عبدالمجيد مستوئي جي ڀاءُ غلام اسحاق مستوئي غلام عباس مستوئي نور حسين مستوئي نظر حسين مستوئي جو سؤٽ نياز حسين مستوئي جو چاچو عبدالخالق مستوئي جي جنازي درس روڊ اڇي مسجد وٽ ادا ڪئي وئي جنهن ۾ مستوئي برادريءَ سياسي سماجي علمي ادبي مذهبي قومپرست وڪيل استاد صحافين سميت هر مڪتب فڪر سان تعلق رکندڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جنازي نماز بعد مرحوم کي اباڻي قبرستان سول سرڪار درس ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو جڏهن ته پونئرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي. ان موقعي تي وارثن چيو ته اسان سان وڏو ظلم ڪيو ويو آهي بي گناهه وات ويندي گوليون هڻي ماريو ويو آهي ڪيس ته اسان داخل ڪرايو آهي ۽ جيڪي جوابدار هئا انهن پوليس اهلڪارن گرفتار ڪيو آهي پر ورڻ به وس وارن خاص طور گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار آءِ جي سنڌ ڊي آءِ جي شهيد بينظير آباد، ايس ايس پي نوشهروفيروز کان مطالبو ڪيو ته مذڪورا معاملي جي مڪمل جاچ ڪئي وڃي ته اهو واقعو ڪيئن پيش آيو ۽ فائرنگ ڪندڙن کي سخت کان سخت سزا ڏني وڃي ۽ اسان جي بيگناهه پوڙهيت شهيد عبدالخالق مستوئي جي خون سان انصاف ڪيو وڃي.

صحافين جي مسئلن ۽ ملڪ اندر صحافتي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جاري آهي: لالا اسد پٺاڻ

سنڌ جا صحافي سجاڳ آهن، پنهنجا بنيادي حق حاصل ڪرڻ خاطر قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار آهن

صحافت جي احمقن ۽ پنهنجي مخالفن کي ڪم سان مات ڏينداسين

سکر(بيورو رپورٽ) صحافين جي مسئلن ۽ ملڪ اندر صحافتي آزاديءَ لاءِ جدوجهد جاري آهي ۽ منزل جي حاصل ڪرڻ تائين جاري رکبي. سنڌ جا صحافي سجاڳ آهن ۔ اهي پنهنجا بنيادي حق حاصل ڪرڻ خاطر هر قربانيون ڏيڻ لاءِ تيار آهن اهڙو اظهار پاڪستان جي نامياري صحافي ۽ پاڪستان يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي فنانس سڪريٽري لالا اسد پٺاڻ سکر پريس ڪلب سکر يونين آف جرنلسٽس ڪورٽ رپورٽرز يونين آف جرنلسٽس سکر وومين جرنلسٽس يونين سکر ۽ فوٽو گرافرز يونين آف جرنلسٽس سکر جي سال 2026 ع جي ساليانه چونڊن جي موقعي تي پنهنجي جرنلسٽس پينل جي اميدوارن ۽ ميمبرز کي خطاب ڪندي ڪيو ۔ هن چيو ته صحافتي مسئلا حل ڪرائڻ لاءِ ماضي جيان جاکوڙ جاري رکبي ۔ انهيءَ قافلي ۾ شامل ساٿين کي ڪڏهن به اڪيلو نه ڇڏبو ۔ انشاء الله هن سال به جرنلسٽس پينل جا سمورا اميدوار ٻنا مقابلي ڪاميابي حاصل ڪندا ۔ صحافت جي احمقن ۽ پنهنجي مخالفن کي ڪم سان مات ڏينداسين ۔ اسان مخالفت براءِ اصلاح جا قائل رهيا آهيون ان ڪري مخالفين کي عملي ميدان ۾ شڪست ڏينداسين ۔ هن وڌيڪ چيو ته سکر جا صحافين سنڌ ۽ ملڪ جي ٻين صحافين جيان بي ڊپا ۽ بهادر ساٿي آهن ۔صحافين ۽ سندن فيمليز جي تحفظ کي يقيني بنائڻ لاءِ رياستي ادارن تي دٻاءُ برقرار رهندو ۔ ان موقعي تي جرنلسٽس پينل جي اڳواڻن جاويد جتوئي امداد بوزدار، آصف ظهير خان لوڌي، احقر رضوي، سليم سهتو، خالد ٻانبڻ ڪامران شيخ سحرش ڪوڪر شهزاد تاباڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو.

حيدرآباد مان پيپلز پارٽي جا قافلا شهيد راڻي جي ورسي ۾ شرڪت لاءِ ڳڙهي خدابخش روانا

قاضي مسيع الزمان ڪاٽو پائي جي اڳواڻي ۾ ويڙهن ڪارن جو وڏو قافلو لاڙڪاڻي روانو

پيپلز پارٽي شهيدن جي پارٽي آهي، بينظير ڀٽو جمهوريت لاءِ جان قربان ڪئي: قاضي مسيع الزمان

حيدرآباد(رپورٽ: غلام حسين خاصخيلي) پاڪستان پيپلز پارٽي جي اڳوڻي چيئرپرسن ۽اڳوڻي وزيراعظم شهيد محترمه بينظيرڀٽو جي 18هين ورسي ۾ شرڪت لاءِ حيدرآباد مان پ پ جا قافلا ڳڙهي خدابخش ڀٽو روانا ٿي ويا پ پ اڳواڻ ۽ يوسي 31 گاڏي کاتو حيدرآباد جو چئيرمين قاضي مسيع الزمان عرف ڪاٽو پائي جي اڳواڻي ۾ ويڙهن ڪارن جوقافلو ڳڙهي خدابخش ڀٽو لاڙڪاڻو ڏانهن روانو ٿي ويو پ پ اڳواڻ ۽يوسي 31گاڏي کاتو حيدرآباد جي چئيرمين قاضي مسيع الزمان عرف ڪاٽو پائي حيدرآباد ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پ پ شهيدن جي پارٽي آهي پ پ جي چئيرمين اڳوڻي وزيراعظم شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پ پ جي چئيرپرسن اڳوڻي وزيراعظم شهيد محترمه بينظير ڀٽو پنهنجي جان جي قرباني ڏئي شهادت ماڻي پاڪستان ۾ جمهوريت جي مضبوطي ۽ مظلوم عوام کي حق ڏيارڻ واري واعدي کي مڪمل ڪيو اسان شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي 18هين ورسي جي موقعي تي سرخ سلام پيش ڪريون ٿا اسان پ پ چئيرمين بلاول ڀٽو زرداري ۽صدرپاڪستان آصف علي زرداري جي اڳواڻي ۾ عوام جي بنيادي مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهيون

مسوڀرڳڙي ۾ نئين پوليس چوڪي واڻڪي وسي جو افتتاح

ايس ايس پي حيدرآباد افتتاح ڪري اهلڪارن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا

پوليس چوڪي ۾ ASIانچارج مقرر، ڏينهن ۽ رات جي شفٽن لاءِ ڪانسٽيبل مقرر

مسوڀرڳڙي (ن ع) مسوڀرڳڙي لڳ ايس ايس پي حيدرآباد عادل حسين چانڊيو ٿاڻي هٽڙي ۾ نئين تعمير ٿيل "واڻڪي وسي" پوليس چوڪي جو افتتاح ڪيو ۽ ٿاڻي جي عملي کي تعريفي سرٽيفڪيٽ پڻ ڏنا. تفصيل موجب : ايس ايس پي حيدرآباد عادل حسين چانڊيو پوليس اسٽيشن هٽڙي جي حدن ۾ قائم ڪيل نئين پوليس چوڪي "واڻڪي وسي" جو باقاعده افتتاح ڪيو.نئين قائم ٿيل پوليس چوڪي، پوليس اسٽيشن هٽڙي جي حدن سان لڳندڙ علائقن ٽنڊوجام، موسيٰ کٽيان ۽ ضلع مٽياري کان حيدرآباد ڏانهن داخلا رستن تي واقع ڪيترن ئي ڳوٺن کي ڪوريج فراهم ڪندي.پوليس چوڪي ۾ هڪ اسسٽنٽ سب انسپيڪٽر کي انچارج طور مقرر ڪيو ويو آهي، جڏهن ته ڏينهن ۽ رات جي شفٽن ۾ پوليس ڪانسٽيبل پڻ مقرر ڪيا ويا آهن. نئين پوليس چوڪي جي قيام سان آس پاس جي علائقن ۾ ڏوهن تي ضابطو آڻڻ ۽ امن امان جي صورتحال کي بهتر بڻائڻ ۾ نمايان مدد ملندي.ان کان پوءِ ايس ايس پي حيدرآباد پوليس اسٽيشن هٽڙي جو دورو ڪيو جتي هن بهترين ڪارڪردگي تي پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي تعريفي سرٽيفڪيٽ ڏنا. ان موقعي تي رٽائر ٿيندڙ پوليس اهلڪار حسين بخش ڏاهري کي پوليس اسٽيشن هٽڙي جي ايس ايڇ او ۽ ٻين پوليس عملي پاران گلن جا هار پارايا ويا ۽ سندس خدمتن کي ساراهيو ويو ايس ايس پي حيدرآباد پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن کي هدايت ڪئي ته هو عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ ۽ ڏوهن جي خاتمي لاءِ پنهنجون پيشه ورانه ذميواريون ايمانداري ۽ لگن سان نڀائين.

ڏينگاڻ ڀرڳڙي لڳ سنڌ جي ثقافت شاندار مچ ڪچهري منعقد

معزز سنڌي ٽوپي اجرڪون ٻڌڪا ڀهريل نوجوانن ٻهڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

گلوڪار جواد فقير محفل ۾ پنهنجا سر وکيريا، مهمانن لاءِ ماني جو پڻ انتظام ڪيو ويو

ڪوٽ غلام محمد(ت ر) ڏينگاڻ ڀرڳڙي لڳ ڳوٺ حاجي دودو خان رند ۾ سنڌ جي ثقافت شاندار مچ ڪچهري منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ معزز سنڌي ٽوپي اجرڪون ٻڌڪا ڀهريل نوجوانن ٻهڙن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي مچ ڪچهري رئيس محمد خان رند ۽ رئيس راجا خان رند جي ميزباني هيٺ منعقد ڪئي وئي جنهن ثقافتي راڳ جي تقريب سان گڏو پروگرام مان لطف اندوز ٿي ويا مچ ڪچهري ۾ وڏي انگ ۾ ڀري ۽ ڀرپاسي جي مهمانن جي شرڪت ثقافت جا رنگ ٽيڪا ڪري ڇڏيا جڏهن ته امان الله خان ڀرڳڙي جونيئر محمد رمضان ڪالرو منور خاصخيلي دين محمد خاصخيلي رئيس گل محمد بوزدار ڪيرو حاجي عبيدالله ڏونڪائي رئيس غازي خان ڏنڪائي چوڙي احسن رنڌوا چوڙي راشد